# سنڌ آرڊيننس نمبر XIII مجريه 1994

# SINDH ORDINANCE NO.XIII OF 1994

# سنڌ نجي استادن جا تربيتي ادارا (رجسٽريشن ۽ ضابطا) آرڊيننس، 1994

# THE SINDH PRIVATE TEACHERS TRAINING INSTITUTIONS (REGISTRATION AND CONTROL) ORDINANCE, 1994

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. تعريف
Definition

3. قيام يا رجسٽريشن کان علاوه ادارا جاري رکڻ جي خلاف منع نامو
Prohibition against establishing or continuing institution without registration

4. رجسٽريشن وغيره جي لاءِ درخواست
Application for registration etc

5. نجي اداري جو قيام ۽ جاري رکڻ

Establishment and continuance of private institution
6. سرٽيفڪيٽ ملتوي ڪرڻ يا منسوخ ڪرڻ
Suspension or cancellation of certificate
7. اپيل
Appeal
8. ڏنڊ
Penalty
9. ڏوهه تي ڪارروائيءَ جو اختيار
Cognizance of offence
10. اثرانداز ٿيڻ
Overriding effect
11. ضمانت
Indemnity
12. قاعدا ٺاهڻ جو اختيار
Power to make rules

# سنڌ آرڊيننس نمبر XIII مجريہ 1994
# SINDH ORDINANCE NO.XIII OF 1994

# سنڌ نجي استادن جي تربيتي ادارن (رجسٽريشن ۽ ضابطا) آرڊيننس، 1994
# THE SINDH PRIVATE TEACHERS TRAINING INSTITUTIONS (REGISTRATION AND CONTROL) ORDINANCE, 1994

[5 جون، 1994]

جنهن جي ذريعي سنڌ صوبي ۾ نجي استادن جي تربيتي ادارن کي ڪم کي باقاعده بڻايو ويندو

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ نجي استادن کي تربيتي ادارن جي ڪم کي باقاعده بڻائڻ ۽ ان تي نظرثاني ڪرڻ جي سلسلي ۾ اهڙن ادارن کي رجسٽريشن ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هن کي هن طرح عمل ۾ آڻي سگهجي ٿو:

جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس نہ هلي رهيو آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ جيئن موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

تنهنڪري هاڻي، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) جي تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي گورنر سنڌ هيٺ ڄاڻايل آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

هن کي هن طرح عمل ۾ آندو ويندو.

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ نجي استادن جا تربيتي ادارا (رجسٽريشن ۽ ضابطا) آرڊيننس، 1994 سڏيو ويندو.

(2) هيءُ في الفور لاڳو ٿيندو ۽ اهڙيون گنجائشون تاريخ کان لاڳو هونديون، جيئن حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ واضح ڪري.

تعريف
Definition

2. هن آرڊيننس ۾، جيستائين ڪجهه مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نہ هجن تيستائين:

(a) "سرٽيفڪيٽ' مان مراد هن ايڪٽ جي تحت جاري ڪيل رجسٽريشن جو سرٽيفڪيٽ؛

(b) "حڪومت" مان مراد سنڌ حڪومت؛

(c) "ادارو" مان مراد اهي نجي ادارا، جنهن بہ نالي سان سڏيو وڃي، جيڪو شاگردن کي استاد جي طور مقرر ڪرڻ جي لاءِ تعليم ۽ تربيت ڏئي رهيو هجي؛

(d) "بيان ڪيل"مان مراد قاعدن جي تحت بيان ڪيل؛

(e) "رجسٽريشن اٿارٽي" مان مراد ڊائريڪٽر، بورڊ آف ڪيوريڪلم اينڊ ايڪسٽينشن ونگ، سنڌ ڄامشورو ۽ جنهن ۾ شامل آهي ڪو شخص جيڪو هن آرڊيننس جي تحت رجسٽريشن اٿارٽي جي ذميواريون نڀائڻ جي لاءِ مقرر ڪيو ويو هو؛

(f) "قاعدا"مان مراد هن ايڪٽ جي تحت تاهيل قاعدا؛

قيام يا رجسٽريشن کان علاوه ادارا جاري رکڻ جي خلاف منع نامو
Prohibition against establishing or continuing institution without registration

3. هن ايڪٽ جي گنجائشن جي علاوه ڪو بہ ادارو قائم ڪيو يا هلايو نہ ويندو.

رجسٽريشن وغيره جي لاءِ درخواست
Application for registration etc

4. (1) ڪو شخص جيڪو ادارو قائم ڪرڻ جو خواهشمند هجي ۽ ڪو شخص جيڪو پهريان کان موجوده اداري کي هن طرح جاري رکڻ جو خواهشمند هجي، اهو رجسٽريشن اٿارٽيءَ جو بيان ڪيل طريقيڪار جي تحت رجسٽريشن في ۽ ڪاغذن سان گڏ درخواست ڏئي سگهي ٿو.

(2) رجسٽريشن اٿارٽي، درخواست ملڻ تي، هن پاران مقرر ڪيل جاچ آفيسر يا جاچ ڪميٽي جي ذريعي جاچ ڪرائيندا، ان سلسلي ۾ پاڻ کي مطمئن ڪرڻ جي لاءِ تہ:

(a) عمارتون ۽ احاطا صحت سان لاڳاپيل سموريون سهولتون فراهم ڪنديون؛

(b) عملو بيان ڪيل تعليمي قابليت رکندو ۽ گهٽي هوندي ۽ ان جي مناسب ادائيگي ڪئي ويندي.

(c) وصول ڪيل فيس فراهم ڪيل سهولتن جي متضاد نہ هوندي؛

(d) هيءُ مجڻ جو ڪو بہ سبب ناهي تہ ادارو غير پسنديده طريقيڪار جي تحت هلايو ويندو يا غير موزون ماڻهن جي خلاف هلايو ويندو؛

(e) هيءُ تہ فرنيچر ۽ سامان موزون آهي؛ ۽

(f) داخلائون ۽ تربيتي پروگرام جي ضرورتن ۽ شرطن ۾ شامل پڙهائي جي ڪورسن تي عملدرآمد، جيئن ته پڙهائي رجسٽريشن اٿارٽيءَ پاران وقتن بوقتن طئي ڪيا ويندا، ان تي عمل ڪيو ويندو ۽ ان کي مڪمل ڪيو ويندو؛

(3) جانچ آفيسر يا جاچ ڪميٽي پاران رپورٽ ملڻ تي، جيڪڏهن رجسٽريشن اٿارٽي، ذيلي دفعہ (2) ۾ بيان ڪيل معاملن جي سلسلي ۾:

(a) مطمئن آهي ته اهو چاٽايل طريقيڪار جي تحت سرٽيفڪيٽ جاري ڪندو، اهڙي شرطن ۽ ضابطن جي تحت جيئن اهي لاڳو ڪرڻ چاهين ۽ چاٽايل طريقيڪار جي تحت اداري کي ”نجي استادن جي تربيتي اداري“ طور رجسٽر ڪندي، جنهن سلسلي ۾ درخواست ڪئي وئي آهي، ۽ سرٽيفڪيٽ تي رجسٽريشن جي حقيقت جي توثيق ڪندي؛

(b) جيڪڏهن مطمئن نہ آهي ته هو سرٽيفڪيٽ کان انڪار ڪندي، پر بشرطيڪ جيڪڏهن معمولي گهٽتائي آهي يا اها گهٽتائي ختم ڪري سگهجي ته سرٽيفڪيٽ جاري ڪرڻ کان انڪار ڪندي، جيستائين درخواستگذار کي مناسب وقت دوران گهٽتائي پوري ڪرڻ جي لاءِ تحريري طور تي نوٽيس جاري نٿو ڪيو وڃي ۽ جيستائين اها هن نوٽيس تي عمل ڪرڻ ۾ ناڪام نٿي ٿئي.

(4) رجسٽريشن اٿارٽي سرٽيفڪيٽ جاري ڪرڻ يا

سرٽيفڪيٽ ڪان انڪار ڪرڻ جو سبب رڪارڊ ۾ رکندي.
(5) اهو شخص جنهن کي سرٽيفڪيٽ جاري ڪيو ويو آهي، اهو هن آرڊيننس جي گنجائشن، قاعدن ۽ ضابطن تي عمل ڪرڻ جو پابند هوندو جيڪڏهن ڪو هجي، جنهن جي تحت سرٽيفڪيٽ جاري ڪيو ويو آهي.

نجي اداري جو قيام ۽ جاري رکڻ
Establishment and continuance of private institution

5. (1) ادارو جيڪو پهريان کان موجود نہ هجي اهو فقط دفعہ 4 جي ذيلي دفعہ (3) جي تحت سرٽيفڪيٽ جاري ٿيڻ کانپوءِ قائم ڪيو ويندو.
(2) پهريان کان موجود ادارو جنهن ان سلسلي ۾ هن آرڊيننس جي لاڳو ٿيڻ جي ٽيهن ڏينهن جي اندر دفعہ 4 جي ذيلي دفعہ (1) جي تحت درخواست ڪئي هجي، اها درخواست جي التوي ۾ هجڻ تائين جاري رکي سگهندو. پر سرٽيفڪيٽ کان انڪار ٿيڻ تي فوري طور تي پابند ڪيو ويندو.
(3) ادارو جيڪو پهريان کان موجود هجي، جنهن هن آرڊيننس جي لاڳو ٿيڻ جي ٽيهن ڏينهن دوران دفعہ 4 جي ذيلي دفعہ (1) جي تحت ڪا بہ درخواست نہ ڏني، اهو اهڙو وقت ختم ٿيڻ جي تائين جاري نٿو رکي سگهي.

سرٽيفڪيٽ ملتوي ڪرڻ يا منسوخ ڪرڻ
Suspension or cancellation of certificate

6. دفعہ4 جي ذيلي دفعہ (3) جي تحت جاري ڪيل سرٽيفڪيٽ رجسٽريشن اٿارٽيءَ پاران اهڙي جاچ پڇاڳاڇا کانپوءِ ملتوي يا رد ڪري سگهجي ٿو. جيئن اها مناسب سمجهي، اها مطمئن آهي تہ ڪجهہ هن آرڊيننس جي گنجائشن يا قاعدن يا شرطن ۽ ضابطن جي ٽڪراءُ ۾ آهن: بشرطيڪ سرٽيفڪيٽ لاڳاپيل ماڻهن کي ٻڌڻ کان جو موقعو ڏيڻ کان علاوه ملتوي يا رد نٿو ڪيو وڃي.

| | |
|---|---|
| اپيل<br>Appeal | 7. جيڪڏهن رجسٽريشن اٿارٽي دفعہ 4 جي ذيلي دفعہ (3) جي تحت سرٽيفڪيٽ جاري ڪرڻ کان انڪار ڪري ٿي، يا هن طرح جاري ڪيل سرٽيفڪيٽ ملتوي يا رد ڪري ٿي، درخواستگذار يا سرٽيفڪيٽ رکڻ وارو رجسٽريشن اٿارٽي جي حڪم واري تاريخ جي ٽيهن ڏينهن جي دوران حڪومت کي اپيل ڪري سگهي ٿي ۽ ان سلسلي ۾ حڪومت پاران جاري ڪيل حڪم حتمي هوندو ۽ رجسٽريشن اٿارٽي پاران ان تي عمل ڪيو ويندو. |
| ڏنڊ<br>Penalty | 8. جيڪڏهن ڪو بہ ادارو بغير رجسٽريشن جي هلائي ٿو اهو قيد جي سزا جي مستحق هوندو جيڪا هڪ سال تائين وڌائي سگهي ٿي يا ڏنڊ جيڪو پنجاهہ هزار روپيين تائين وڌائي سگهجي ٿو يا ٻئي گڏ. |
| ڏوهہ تي ڪارروائيءَ جو اختيار<br>Cognizance of offence | 9. ڪنهن بہ عدالت کي هن آرڊيننس جي تحت ڪنهن ڏوهہ تي ڪارروائي جو اختيار نہ هوندو علاوه ان جي تہ رجسٽريشن اٿارٽي يا ان جي پاران ان سلسلي ۾ بااختيار بڻايل ڪنهن عملدار پاران تحريري طور تي شڪايت نہ ڪئي وڃي ۽ ڪا بہ فرسٽ ڪلاس مجسٽريٽ کان گهٽ عدالت اهڙي ڏوهہ تي ڪارروائي نہ ڪندي. |
| اثرانداز ٿيڻ<br>Overriding effect | 10. هن آرڊيننس جون گنجائشون وقتي طور تي لاڳو ڪنهن ٻئي قانون يا معاهدي، انسٽرومينٽ، آرٽيڪلز آف ايسوسيئيشن ، ڊيڊ يا ڪنهن ٻئي دستاويز تي اثرانداز نہ هونديون. |
| ضمانت<br>Indemnity | 11. هن آرڊيننس جي تحت سٺي نيت سان ڪيل ڪنهن ڪم يا ڪجهہ ڪرڻ جي ارادي جي سلسلي ۾ حڪومت، رجسٽريشن اٿارٽي يا ان سلسلي ۾ ڪنهن ٻئي شخص جي |

خلاف ڪو بہ ڪيس يا قانوني ڪارروائي نہ ٿيندي.

قاعدا ٺاهڻ جو اختيار
Power to make rules

12. حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن جي ذريعي هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ جي لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي.

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**